# شهوت جي
# پيروي جون
# تباهه ڪاريون



هفته وار سنتن ڀري
اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سنتن ڀريو بيان

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# شهوت جي پيروي جون تباھ ڪاريون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪيو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ کائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

حضرت سيدُنا اَنس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ نبيِّ اڪرم نُورِ مُجسَّم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُعظَّم آهي: يَا اَيُّهَاالنَّاسُ اَنْجَاكُمْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ مِنْ اَهْوَالِهَا وَمَوَاطِنِهَا يعني اي انسانو! قيامت جي ڏينهن ان جي دهشتن ۽ دُشوار گُزار گهاٽين مان جلدي نجات حاصل ڪرڻ وارو اهو شخص هوندو، اَكْثَرُكُمْ عَلَيَّ صَلَاةً فِي دَارِ الدُّنْيَا جنهن دُنيا ۾ مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهيو هوندو.

(ڪنزالعمال ،ڪتاب الاذڪار، باب السادس في الصلاة عليه وعلي آلہ------الخ،254/1، حديث:2225)



www.dawateislami.net

شافعِ روزِ جزا تُم پہ کروڑوں دُرود

دافعِ جُملہ بَلا تُم پہ کروڑوں دُرُود

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ ڪان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري ونون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل ڪان بهتر آهي.[1]

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو (2) جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ ڪان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان ڪان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السيقن،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)



www.dawateislami.net

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

مان بہ نيت ڪيان ٿو ❁ الله جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورة النحل آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ

”ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهہ ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث: 4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَة [1] يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّهہ رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت بڻائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

[1] ...بخارى، كتاب احاديث الانبياء،باب ماذكر عن بنى اسرائيل،462/2،حديث:3461



www.dawateislami.net

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

مان بہ نيت ڪيان ٿو ❁ اللّٰہ جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورة النحل آيت نمبر: 125 اُدۡعُ اِلٰی سَبِیۡلِ رَبِّكَ بِالۡحِكۡمَةِ وَ الۡمَوۡعِظَةِ الۡحَسَنَةِ

"**ترجمو ڪنزالايمان**: پنھنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجھ ۽ چڱي نصيحت سان"

۽ بخاري شريف (حديث: 3461) جي ھن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

بَلِّغُوْا عَنِّیْ وَلَوْ آيَة [1] يعني "منھنجي طرفان پھچايو جيتوڻيڪ ھڪ ئي آيت ھجي" ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙھڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالھائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّھ رکندس يعني پنھنجي علميت جو ڌاڪو ويھارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالھائڻ کان بچندس ❁ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٿھڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت بڻائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاھون جھڪائي رکندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] ...بخارى، ڪتاب احاديث الانبياء،باب ماذكر عن بنى اسرائيل،462/2،حديث:3461



www.dawateislami.net

## ڇا بيماري خود دوا بڻجي سگھي ٿي؟

مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ٻن جِلدن تي مشتمل ڪتاب "عُيونُ الحڪايات" جلد 1، صفحي 367 تي آهي: سلسله قادِريه رَضَوِيه جي مشهوربُزرگ حضرت سَيدُنا ابُو قاسم جُنيد بغدادي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡهَادِی فرمائن ٿا:" هڪ رات مون کي وڏي بي چيني ٿي، مان عبادت الٰهي ۾ مشغول هئس پر مون کي ڪو سڪون نه پئي آيو، مون گھڻي ڪوشش ڪئي ته عبادت ۾ يڪسوئي ۽ خُشُوع وخُضُوع حاصل ٿئي پر مان هن ڪوشش ۾ ڪامياب نه ٿيس، پوءِ مون تلاوت شروع ڪئي پر مون کي پوءِ به يڪسوئي ۽ دلي سڪون حاصل نه ٿيو، مان حيران هئس ته آخر اڄ اهڙي ڇا ڳالهه آهي جو مون کي عبادت الٰهي ۾ يسڪوئي نه پئي ملي ۽ منهنجو سڪون برباد ٿي ويو آهي. آخر رات جي پوئين پهر مان پنهنجي چادر ڪلهي تي رکي گھران ٻاهر نڪري آيس، ڪجھ پري رستي ۾ هڪ شخص نظر آيو جيڪو چادر ۾ ويڙهيل هو. جڏهن مان ان جي ويجھو ويس ته ان پنهنجو مٿو مٿي ڪنيو ۽ مو ن کان پڇيو: توهان ايترو پريشان ڇو آهيو؟ ڇا قيامت قائم ٿي چڪي آهي؟ مون چيو: ڇا قيامت جو مقرر ڏينهن اچي ويو آهي؟ ان شخص چيو نه بلڪ مان اهو پڇي رهيو آهيان ته ڇا دل ۾ هلچل ۽ بي چيني جي ڪري پريشان ٿي دِلي سُڪون حاصل ڪرڻ وجي رهيا آهيو، مون چيو: جي ها! واقعي مان دِلي سُڪون جي ڳولها ۾ ٻاهر نڪتو آهيان ۽ اهو ڄاڻڻ چاهيان ٿو ته ڪهڙي سبب مون کي اڄ رات سڪون نه ملي رهيو آهي؟ (پوءِ مون ان کان پڇيو) ڇڱو اهو ٻڌايو! ڇا توهان کي مون کان ڪا حاجت آهي؟ ان شخص جواب ڏنو: ها مون کي تون کان حاجت



www.dawateislami.net

آهي، مون پڇا ڪئي: ٻڌايو ڪهڙي حاجت آهي؟ ان جواب ڏنو اي ابُوقاسم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه! مون کي اهو ٻڌايو ڇا ڪا اهڙي صورت به آهي ته بيماري خود ئي دوا بڻجي وڃي؟ مون چيو: جي ها، هڪ صورت اهڙي آهي جو بيماري خود دوا بڻجي ويندي آهي، غور سان ٻڌ! جڏهن تون نفس جي خواهشن جي مخالفت ڪندين ته دل جون تمام بيماريون تون کان پري ٿي وينديون ۽ اهي ئي بيماريون دوا بڻجي وينديون.

اهو ٻڌي ان شخص هڪ ٿڌو ساهه ڪڍي پُر دَرد دانهن ڪئي ۽ چوڻ لڳو: مون کي اڄ رات هن سوال جو جواب 7 ڀيرا ائين ڏنو ويو آهي، پر منهنجي اها خواهش هئي ته مان اوهان جي زباني به پنهنجي سوال جو جواب ٻڌان، الله عَزَّوَجَلَّ جي فضل وڪرم سان منهنجي اها خواهش به پوري ٿي وئي ۽ مان اوهان جي مبارڪ زبان مان به پنهنجي سوال جو جواب ٻڌي چڪو آهيان، .ايترو چوڻ کان پوءِ اهو شخص اتان کان هليو ويو ۽ پيهر ڪڏهن نظر نه آيو. (عيون الحڪايات،ص:194)

اس نَفسِ ستمگر کو قابو میں مرے کردو!
بُلوا کے شہنشاہِ ابرار مدینے میں
(وسائلِ بخشش،ص278)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته سلسله قادِريه رَضَوِيه جي عظيم بُزرگ حضرت سَيِدُنا ابُو قاسم جُنيد بغدادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِي ان شخص کي دل جي بيمارين جو زَبردست نُسخو ٻڌايو ته نفس جي خواهشن جي مخالفت ڪندين ته دل جون تمام بيماريون پري ٿي وينديون ۽ اهي بيماريون دوا به بڻجي وينديون، ان مان خبر پئي ته شهوتن جي پيروي ۽ نفساني خواهشن کي پورو ڪرڻ موتمار بيمارين مان آهي چوته اهو



www.dawateislami.net

دل کي گناهن جي آلودگين سان پري ڇڏي ٿو، ٿورو غور ڪيو تہ ڪٿي اهو ئي سبب تہ ناهي جو اسان جي دل تي نيڪ ڳالهين جو ڪو اثر ناهي ٿيندو ۽ عبادت ۾ دل ناهي لڳندي، تنهنڪري اسان کي بہ هن حڪايت مان درس حاصل ڪرڻ گهرجي، ۽ فضول خواهشن ۽ شهوت جي پيروي ڪري پنهنجي زندگي کي غلط راهہ هلائڻ بدران سنتن جي مطابق نيڪيون ڪرڻ واري زندگي گذارڻ گهرجي.

## شهوات جي پيروي مان ڇا مراد آهي!

ياد رکو! جائز ۽ ناجائز جي پرواهہ ڪرڻ بدران نفس جي هر خواهش پوري ڪرڻ ۾ لڳي وڃڻ شهوت جي پيروي ڪرڻ چئبو. (باطني بيماريون کي معلومات،ص101) يقيناً شهوات جي پيروي ڪرڻ ۾ سراسر نُقصان ئي نُقصان آهي هن جي نحوستن جو اندازو هن حديث شريف مان چڱي طرح لڳائي سگهجي ٿو.

## برباد ڪرڻ واريون ٽي شيون:

نُور جي پيڪر، تمام نبين جي سَروَر، ٻنهي جهانن جي تاجور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اِرشادِ پاڪ آهي:" 3 شيون برباد ڪنديون آهن: (1) حِرص وطَمع ۾ گُم رهڻ (2) نَفْساني خواهشن جي پيروي ڪرڻ (3) ٻانهي جو پنهنجي پاڻ تي فخر ڪرڻ." (المعجم الاوسط، الحديث 5754،ج4،ص212)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان نفساني خواهشن کي ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسين تہ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ حِرص وطَمع جي بري عادتِ بہ نڪري ويندي ۽ طرح طرح جي گناهن کان بہ ڇوٽڪارو نصيب ٿيندو ۽ اسان جو باطن پاڪ وصاف ٿي ويندو ۽ اسان کي خُشُوع و خُضُوع سان عبادت ۾ دل لڳڻ جي نعمت بہ حاصل ٿي ويندي. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ



www.dawateislami.net

اللّٰہ کے نبی سے فریاد ہے نفس کی بدی سے
دِن بھر کھیلوں میں خاک اُڑائی لاج آئی نہ ذرّوں کی ہنسی سے
شب بھر سونے ہی سے غرض تھی تاروں نے ہزار دانت پیسے
ایمان پہ مَوت بہتر او نفس تیری ناپاک زندگی سے
اللّٰہ کنوئیں میں خود گِرا ہوں اپنی نالِش کروں تجھی سے

(حدائقِ بخشش، حصہ اوّل،145)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** انسان جون خواهشون ڪڏهن ختم نہ ٿينديون آهن، ڏينهن بہ ڏينهن خواهشن جو دائرو وڌندو ويندو آهي، اڄڪلهہ انهن خواهشن جي باهہ وسائڻ جي لاءِ چاهي قرض وٺڻو پوي يا ناجائز ۽ حرام ذريعا استعمال ڪرڻا پون ان جي بہ پرواهہ ناهي ڪئي ويندي، اچو شهوت جي پيروي جي مذمت ۾ قرآن شريف جون ڪجهہ مبارڪ آيتون ٻڌون تا تہ جيئن اسان کي بہ نفساني خواهشن ۽ شهوت جي پيروي جي تباهہ ڪارين بابت خبر پوي ۽ ان کان بچڻ جي ڪوشش ڪيون. جيئن اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ سيپاري 16 سوره مريم جي آيت نمبر 59 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

فَخَلَفَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ خَلْفٌ اَضَاعُوا الصَّلٰوةَ وَ اتَّبَعُوا الشَّهَوٰتِ فَسَوْفَ یَلْقَوْنَ غَیًّا ﴿۵۹﴾

ترجمو ڪنزالايمان: پوءِ انهن جي پٺيان جي جاءِ تي اهي نالائق آيا جن نمازون وڃايون ۽ پنهنجي خواهشن جي پٺيان لڳا. عنقريب پوءِ اهي دوزخ غيّ جو جهنگ ڏسندا.



www.dawateislami.net

حضرت علامہ جلالُ الدين سيوطي شافعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ھن آيت جي تحت نقل فرمائن ٿا: حضرت سَيدُنا عُقبه بن عامر رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آھي، فرمائن ٿا: مون رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو تہ عنقريب منھنجي اُمَّت مان اَھلِ ڪتاب ۽ اَھلِ لَبن ھلاڪ ٿي ويندا مون عرض ڪيو: رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اَھلِ ڪتاب ڪير آھن؟ اِرشاد فرمايو: اھي ماڻھو جيڪي ڪتاب ان ڪري سکندا آھن تہ ان جي ذريعي ايمان وارن سان جھيڙو ڪن، مون عرض ڪيو تہ اھل لبن ڪير آھن؟ ارشاد فرمايو: اھي ماڻھو جيڪي شھوت جي پيروي ڪندا آھن ۽ نمازن کي ضايع ڪندا آھن.

(تفسيردرمنثورج5،ص527)(المستدرڪ علي الصحيحين،ج3،ص126،ح3469)

حضرت اِبن ِاشعث رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آھي تہ الله عَزَّوَجَلَّ حضرت سَيدُنا داود عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ڏانھن وَحي ڪئي تہ بيشڪ اھي دليون جيڪي دنيا جي خواھشن سان معلق (مليل) آھن اھي مون کان پري آھن.

(تفسير دُرِّ منثور ج 5 ، ص526)

ھڪ ھنڌ تي اللهعَزَّوَجَلَّ ائين ارشاد فرمائي ٿو:

وَ اللّٰهُ يُرِيْدُ اَنْ يَّتُوْبَ عَلَيْكُمْ ۫ وَ يُرِيْدُ الَّذِيْنَ يَتَّبِعُوْنَ الشَّهَوٰتِ اَنْ تَمِيْلُوْا مَيْلًا عَظِيْمًا ﴿۲۷﴾

(پ 5، النساء، آيت 27)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ الله توھان تي پنھنجي رحمت سان رجوع فرمائڻ چاھي ٿو، ۽ جيڪي پنھنجي مزن جي پٺيان لڳل آھن اھي گُھرن ٿا توھان سڌي واٽ کان گھڻو جدا ٿي وڃو.

ھن آيتِ مبارڪ جو شانِ نزول ھي آھي تہ يھود و نصارٰي ۽ مجوسي، پاءُ ۽ ڀينرن جي ڌيئرن سان نڪاح حلال سمجھندا ھئا. جڏھن



www.dawateislami.net

الله تعالیٰ انھن سان نڪاح ڪرڻ کي حرام فرمايو تہ اُھي مسلمانن کي چوڻ لڳا تہ جھڙي طرح ماسيءَ ۽ پُڦيءَ جي ڌيءَ سان نڪاح جائز سمجھو ٿا جڏھن تہ ماسي ۽ پُڦي توھان تي حرام آھن، اھڙي طرح توھان پياءُ ۽ ڀيڻ جي ڌيئرن سان بہ نڪاح ڪريو. ان تي ھي آيت نازل ٿي تہ اھي ماڻھو چاھين ٿا تہ توھان بہ انھن جيان بدڪاري ۾ پئجي وڃو.

(مدارک، نساء تحت الاية 27ص223)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توھان ٻُڌو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ڪھڙي طرح شھوات جي پيروي ڪرڻ وارن جي مَذمَّت فرمائي جو اھڙن ماڻھن کي جھنَّم جي غَي نالي وادي ۾ داخل ڪيو ويندو، اھڙي طرح ٻين آيتِ مبارکه ۾ مُنافقن جي مَذمَّت بيان فرمائي جو  اھي ماڻھو  شھوتن جي پيروي ۾ پئي ڪري ذليل ۽ خوار ٿيا ۽ ھاڻي اُھي دِلي بُغْض و عِناد جي وجه سان ھي چاھين ٿا تہ مُسلمانن کي ان عادتِ بد ۾  مبُتلا ڪيو وڃي.

في زمانو مُسلمانن جي عملي حالت کي ڏسي ڪري اِھو اندازو ٿيندو آھي تہ غير مُسلم قومون پنھنجي ان ناپاڪ سازِش ۾ ڪامياب ٿيندي نظر اچي رھيون آھن. اڄ مسلمان نَفس وشيطان جي بھڪاوي ۾ اچي ڪري خواھشن جي پيروي ۾ حد کان وڌي رھيو آھي. نفس جي پيروي ۾ مَغربي تَھذيب ۽ اَغيار جي عادت واَطوار کان مُتاثر ٿي ڪري ان جھڙا ڪم ڪرڻ ۾ مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ فخر محسوس ڪندو آھي. مَردن سُنَّتن ڀريو لباس ڇڏي ڪري پينٽ شرٽ ۽ مٿي تي ھيٽ (ٽوپي) لڳائي اَڪثرجي ھلڻ پنھنجو معمول بڻائي ڇڏيو، عورتن پردي کي خيرباد چئي ڪري گلي بازارن ۾ بي پرده گھمڻ، فيشن جي نالي تي سوڙھو ۽ چُست لباس پائي ڪري بدنگاھي جو سامان بنجڻ کي ڄڻ تہ مَعيُوب سمجھڻ



www.dawateislami.net

ئي ڇڏي ڏنو، ٻارن جي تَربِيت جو حال هي آهي تہ انهن کي دِيني عُلُوم جي زيور سان آراسته ڪرڻ جي بجاءِ دُنيوي عُلُوم وفُنون سيکاريا ويندا آهن، جيڪڏهن ٻار تورو ذهين هجي تہ ان کي ڊاڪٽر، انجينئر، پروفيسر ۽ ڪمپيوٽر پروگرامر بنائڻ جون خواهشون جنم وٺڻ لڳنديون آهن ۽ ان جي تڪميل جي لاءِ ديني تَربِيت کان مُنهن موڙي ڪري مَغربي تَهْذيب جي نُمائنده اِدارن سان مخلوط (مليل) ماحول ۾ تعليم ڏيارڻ ۾ ڪو عار محسوس نہ ڪيو ويندو آهي بلڪه ان کي ''اَعليٰ تعليم'' جي خاطر غير مُسلمانن جي حوالي ڪرڻ کان بہ پاسو ناهي ڪيو ويندو آهي ۽ مُعاملو هي تي ويو آهي تہ

قلب پتھر سے بھي سختي ميں بڑھا جاتا ہے
خول پر خول سياہي کا چڑھا جاتا ہے

نَفْس و شيطان کي ہر آن اِطاعت پر دل
آہ! مائل مرے اللّٰہ ہوا جاتا ہے

عارضي آفتِ دُنيا سے تو دِل ڈرتا ہے
ہائے بے خوف عذابوں سے ہوا جاتا ہے

آہ! دولت کي حفاظت ميں توسب ہيں کوشاں
حفظِ ايماں کا تصوُّر ہي مِٹا جاتا ہے

وَلولہ سُنَّتِ محبوب کا دے دے مالک
آہ! فيشن پہ مُسلمان مرا جاتا ہے

(وسائلِ بخشش، ص432-433)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان مَغربي تَهْذيب کان جان ڇڏائي ڪري اِسلامي تعليمات اپنائڻ چاهيون ٿا، فيشن پرستي کي ڇڏي ڪري سُنّتن ڀري زِندگي بَسرڪرڻ چاهيون ٿا، پنهنجي اِصلاح ۽ پنهنجي اَولاد کي مَدَني تَربِيت ۽ انهن کي نِنڊپڻ کان ئي فڪرِ آخرت جو ذِهن ڏيڻ چاهيون ٿا تہ دعوتِ اسلامي جي ''مَدَني ماحول''سان وابَسته ٿي وڃو. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن مدني ماحول جي برڪت سان بي شُمار فيشن پرست



www.dawateislami.net

اور مَغْربي تهذيب جا شوقين اَفراد تائب ٿي ڪري سُنَّتن جي راه تي هلڻ وارا ٿي ويا.

اگر سُنّتیں سیکھنے کا ہے جذبہ ... تم آجاؤ دیگا سکھا مدني ماحول
تمہیں لُطف آ جائے گا زِندگی کا ... قریب آ کے دیکھو ذَرا مدني ماحول
یہاں سُنّتیں سیکھنے کو ملیں گی ... دلائے گا خوفِ خُدا مدني ماحول

(وسائلِ بخشش،ص646،647)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! رِضاءِ اِلٰهي جي خاطر نَفْساني خواهشن تَرڪ ڪرڻ جو ذِهْن بنائڻ جي لاءِ شهوتن جي پيروي جي مَذمَت جي مُتَعَلّق ڪجهه احاديثِ مُبارَڪه پيش ڪريان ٿو ته جيئن ان مُهلِڪ مَرض کان بچڻ ۾ مزيد ڪاميابي حاصل ٿي سگهي. جيئن ته

## جنَّت ۽ دوزخ توکان قريب آهن

حضرت سَيدُنا عبدُالله رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان مروي آهي ته حُسنِ اَخلاق جي پيڪر، نبين جي تاجور، مَحبوبِ رَبِّ اَڪبر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: "جنَّت توکان ان کان به وڌيڪ قريب آهي جيترو جُوتي جو تَسمو، جُوتي جي قريب آهي ۽ دوزخ به اهڙي طرح آهي (يعني تمام گهڻو قريب آهي) ها! جنَّت کي تڪليفن سان ۽ دوزخ کي شهوتن ۽ لَذتن سان ڍڪيو ويو آهي. (صحيح البخاري، ڪتاب الرقاق، باب حجبت النار ـــــ،الحديث:6487، 243/4)

## عقلمند ۽ نادان ڪير؟

اهڙي طرح سرڪارِ دوعالَم، نورِ مُجسّم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُعظّم آهي:



www.dawateislami.net

اَلْكَيِّسُ مَنْ دَانَ نَفْسَهٗ وَعَمِلَ لِمَا بَعْدَ الْمَوْتِ وَالْعَاجِزُ مَنِ اتَّبَعَ نَفْسَهٗ هَوَاهَا ثُمَّ تَمَنّٰى عَلَى اللهِ عَزَّوَجَلَّ

عقل مند ۽ سمجهدار اهو آهي جيڪو پنهنجي نَفس جو مُحاسَبو ڪري ۽ موت کان بعد واري زِندگي جي لاءِ عمل ڪري. ۽ عاجز اهو آهي جنهن نَفساني خواهشن جي پيروي ڪئي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ (جي رحمت سان جنّت ملڻ جي) اُميد رکي. (سنن ابن ماجه ،ج4،ص496،ح٠426)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً جنّت نعمتن ۽ آسائشن سان ڀرپُور اِنتهائي خُوبصُورت مَقام آهي پر ان تائين پهچڻ آسان ناهي بلڪ ان جي راهہ ۾ عبادتن، رِياضتن ۽ نيڪين جي صُورت ۾ اِنتهائي دُشوار گُزار گهاٽيون مَوْجُود آهن جنهن کي عُبُور ڪرڻ ضروري آهي. جڏهن تہ دوزخ دهشتن، تڪليفن ۽ مختلف عذابن جي جڳهہ آهي پر ان تائين پهچڻ نهايت آسان آهي ڇو جو جهنَّم کي نَفْساني شهوات سان ڍڪيو ويو آهي تہ جيڪو شخص نَفْس جي ناجائز خواهشن پُوريون ڪندي پنهنجي زِندگي گذاريندو تہ خوف آهي تہ جهنَّم ۾ داخل ڪيو وڃي. تنهنڪري اسان مان جيڪو جنَّت ۾ داخل ٿيڻ جو مُتمَنِّي (خواهشمند) ۽ جهنَّم جي عذاب کان بچڻ جو خواهشمند آهي (هرشخص کي اها تمنا رکڻ بہ گهرجي) تہ ان کي گهرجي تہ نَفْس جي مُخالَفت ڪندي ناجائز خواهشن سان گڏوگڏ پنهنجون جائز خواهشن کي بہ قابو ۾ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، ڇو جو جائز خواهشن کي نہ دبائڻ ناجائز خواهشن ۾ مبتلا ٿيڻ جو سبب آهي. اچو تہ!عبرت جي لاءِ هڪ ٻي حديثِ پاڪ ٻڌون ٿا.

حضرت سَيدُنا ابُو هريره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي تہ رحمتِ ڪونين، ڏکويل دلين جي چين صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي:



www.dawateislami.net

"جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جنّت ۽ دوزخ کي پيدا ڪيو تہ حضرت جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام کي جنّت جي طرف موڪليو ۽ اِرۡشاد فرمايو: "جنّت ۽ ان جي اُن نعمتن کي ڏس جيڪي مون اَهۡلِ جنّت جي لاءِ تيار ڪيون آهن. "حُضُورنبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اِرۡشاد فرمائن ٿا: "تہ حضرت جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام جنّت ۾ آيا، جنّت ۽ اَهلِ جنّت جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ جون تيار ڪيل نعمتون ڏسي ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاه ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيو: "تنهنجي عزّت وجَلال جو قسم! جيڪو بہ ان جنّت جي باري ۾ ٻڌندو اهو ضرور ان ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو. "بس الله عَزَّوَجَلَّ حڪم فرمايو ۽ جنّت کي مَشقّتن ۽ تڪليفون سان ڍڪيو ويو." پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ حضرت جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام کي فرمايو: "بيهر وڃ جنّت ۽ ان جي نعمتن کي ڏس، جيڪي مون جنّتين جي لاءِ تيارڪيون آهن. "حُضُورنبيِ پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اِرۡشاد فرمائن ٿا: "حضرت جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام بيهر جنّت ۾ ويا تہ ڏٺو تہ ان کي مشقّتن ۽ تڪليفن سان ڍڪيو ويو آهي، حضرت جبرائيلِ امين عَلَيۡهِ السَّلَام الله تَعاليٰ جي بارگاھ ۾ حاضر ٿي ڪري عرض ڪيو: "اي الله عَزَّوَجَلَّ! تنهنجي عزّت وجَلال جو قسم! مون کي ڊپ آهي تہ هاڻي ڪو ان ۾ داخل نہ ٿي سگهندو. "پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ اِرشاد فرمايو: "هاڻي دوزخ جي طرف وڃ ۽ دوزخ ان جي عذابن کي ڏس، جيڪي مون اَهلِ دوزخ جي لاءِ تيار ڪيا آهن. "حضرت جبرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام جن وڃي ڪري ڏٺو تہ دوزخ (جي باھ) جو هڪ حصّو ٻئي تي چڙهي رهيو آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاه ۾ حاضر ٿي ڪري عرض ڪيو: "اي الله عَزَّوَجَلَّ! تنهنجي عزّت وجَلال جو قسم! ڪو بہ اهڙو ناهي جيڪو جهنّم (جي سختي) جي باري ۾ ٻڌي ۽ ان ۾ داخل ٿئي (يعني بچڻ جي ڪوشش ڪندو) بس الله



www.dawateislami.net

تَعاليٰ جي حڪم سان جهنَّم کي شهوات ۽ لَذتن جي پردن سان ڍڪيو ويو. "پوءِ الله تعاليٰ جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام کي حڪم ڏنو: "ٻيهر جهنَّم جي طرف وڃ. "جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام ويا ۽ بارگاهِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ ۾ حاضر ٿي ڪري عرض ڪيو: اي الله عَزَّوَجَلَّ! تنهنجي عزّت و جلال جي قسم! مون کي خوف آهي ته هاڻي ان کان ڪو بچي نه سگهندو، بلڪه (شهوات ۾ مبتلا ٿي ڪري) ان ۾ وڃي پوندو."

(جامع الترمذي،ڪتاب صفةالجنة،باب ماجاء خفت زلجنة........ الخ، الحديث:2569، 252/4)

## حديثِ پاڪ جي تشريح:

حضرت علامه اِبنِ حجرعسقلاني قُدِّسَ سِرُّہُ النُّوْرَانِي ان حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا:''شهوات'' مان مُراد اهي دُنياوي اُمور آهن جن جي ذريعي لذّت حاصل ڪئي ويندي آهي، چاهي شريعت ان کان بِلاواسطه مَنْع ڪيو هجي يا ان جي ڪرڻ کان اَحڪاماتِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ مان ڪنهن حڪم کي تَرڪ ڪرڻ لازِم ايندو هجي. گَڏوگَڏ مُشْتَبه (جنهن ۾ شڪ هجي) ۽ اهو جائز ۽ مُباح ڪم جن تي عمل جي ڪري حرام ۾ پوڻ جو خوف هجي، سڀ ان (شهوات) ۾ داخل آهن. (فتح الباري،جلد11،صفحه 273) جيئن ته

حضرت سَيدُناعطيه بن سعد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان مروي آهي ته حُضُور نبي اڪرم، نُورِمُجسم، رسولِ مُحتَشَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ ذيشان آهي: "ڪو شخص ان وَقْت تائين مُتَّقي ۽ پرهيزگار نه ٿو ٿي سگهي جيستائين ناجائزڪمن کان بچڻ جي لاءِ جائز ۽ مُباح ڪمن کي ڇڏي نه ڏي." (المستدرڪ للحاڪم،،الحديث:7969،ج5،ص454)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ان مان معلوم ٿيو ته تڪليفن ۽ مشقتن جي ان دريا کي پار ڪرڻ کان بعد ئي ٻانهو جنّت ۾ داخل ٿي سگهي ٿو



www.dawateislami.net

۽ نَفساني خواهشن جي پيروي کي ڇڏي ڪري ئي دوزخ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهي ٿو. حضرت سَيِدُنا علي المرتضيٰ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم جن ڪوفي ۾ خُطبو ڏيندي ارشاد فرمايو: "اي انسانو! توهان تي سڀ کان وڌيڪ ڊگهين اُميدن ۽ نَفساني خواهشن جي پيروي جو خوف آهي، ڇو جو ڊگهيون اُميدون آخرت کي وساري ڇڏينديون آهن ۽ نَفساني خواهشن جي پيروي حق کان پَرتڪائي ڇڏيندي آهي، خبردار! بيشڪ دُنيا پُٺ ڦيرڻ واري آهي ۽ يقيناً آخرت اچڻ واري آهي ۽ انهن ٻنهي جا چاهڻ وارا آهن، بس توهان آخرت کي چاهڻ وارا ٿيو ۽ دُنيا کي چاهڻ وارا نہ ٿيو، اڄ عمل آهي حساب ناهي ۽ سڀاڻي (قيامت ۾) حساب هوندو، عمل جو موقعو نہ هوندو." (الزهد وقصر الامل ،ص:58)

جڏهن حضرت سيدنا عثمان غني رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان قبر کي ڏسي گهڻو روئڻ جو سبب پڇيو ويو تہ ارشاد فرمايائون: مون کي پنهنجي اڪيلائي ياد ايندي آهي ڇوتہ قبر ۾ مون سان گڏ ماڻهن مان ڪو بہ نہ هوندو (پوءِ نيڪي جي دعوت جا مدني گل عنايت ڪندي) فرمايائون: جنهن جي لاءِ ان جي دنيا قيد خانو آهي، ان جي لاءِ ان جي قبر جنت، ۽ جنهن جي لاءِ ان جي دنيا جنت آهي ان جي لاءِ ان جي قبر قيد خانو آهي، جنهن لاءِ هي زندگي بطور قيد هئي موت ان جي لاءِ آزادي جو پيغام آهي، جنهن دنيا ۾ نفساني خواهشن کي ترڪ ڪيو اهو آخرت ۾ پورو پورو حصو ماڻيندو، بهتر شخص اهو آهي جيڪو ان کان پهريان جو دنيا ان کي ڇڏي ڏي اهو پاڻ دنيا کي ترڪ ڪري (يعني ڇڏي) ڇڪو هجي ۽ پنهنجي پروردگارعَزَّوَجَلَّ سان ملڻ کان پهرين



www.dawateislami.net

هو ان عَزَّوَجَلَّ سان راضي ٿي ويو هجي، هر شخص جي قبر جو معاملو ان جي دنياوي زندگي جي مطابق آهي يعني نيڪين ۾ زندگي گذاري ته قبر ۾ راحتون ۽ جيڪڏهن بدي ڪندي مئو ته هلاڪت ئي هلاڪت. (موعظۂ حسنه،ص61ـ62)(نيڪي ڪي دعوت ،ص:56)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جا نيڪ ٻانها قبر جي اندرئين حالتن تي خوب غور فرمائيندا هئا ۽ دنيا جي نا پائيداري ۽ نفساني خواهشن جي پيروي کان ڪيڏو پري رهندا هئا. يقيناً هي حضرات ڄاڻيندا هئا ته دنيا سان دل لڳائڻ ۽ نفساني خواهشن جي پيروي ڪرڻ آخرت جي خساري جو سبب آهي پر افسوس! اسان ڪئي ڀيرا قبرون ڏسون ٿا پر عبرت نٿا حاصل ڪيون ته خواهشن جي پيروي ڪرڻ وارا ۽ دنيا کي ئي پنهنجو سڀ ڪجهه سمجهڻ وارا اڄ قبرن ۾ پنهنجي عملن جو نتيجو ڀوڳي رهيا آهن. ياد رکو! ٻاهر کان بظاهر هڪ جهڙيون نظر ايندڙ قبرون اندران کان هڪ جهڙيون نه هونديون آهن، ڪنهن جي قبر ته اندر ۾ گلِ گلزار ۽ باغ و بهار هوندي آهي جڏهن ته ڪنهن جي قبر ۾ پڙڪندڙ باهه هوندي آهي ۽ اها قبر نانگ وڇوئن جي ڪڏ هوندي آهي، صرف ايترو ئي غور فرمايو جو صرف هڪ نماز ترڪ ڪرڻ يا هڪ ڀيري ڪوڙ ڳالهائڻ يا هڪ ڀيري غيبت ڪرڻ جي سبب يا بدنگاهي جي ڪري يا هڪ ڀيرو گانو ٻڌڻ يا فلم ڏسڻ يا هڪ گار ڏيڻ يا هڪ ڀيرو ڪاوڙ ۾ بنا اجازت شرعي ڪنهن کي دڙڪا ڏيڻ يا هڪ ڀيرو ڏاڙهي ڪوڙائڻ جي سزا ۾ جيڪڏهن پڪڙي ڪري تنگ قبر جي اندر گهپ اونداهي ۽ خوفناڪ تنهائي



www.dawateislami.net

۾ رڪيو وڃي تہ چا ڳذرندي! يقيناً خائِفِين (يعني اللهعَزَّوَجَلَّ کان ڊڄڻ وارن) جي لاءِ ھي تصور ئي ڏڪائڻ وارو آھي. ھي تہ صرف دنياوي تصور آھي نہ تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي ناراضگي جي صورت ۾ مرڻ کان پوءِ جن قبر جي عذابن کي منھن ڏيڻو پوندو اھي ڪير برداشت ڪري سگھندو! ”حِليةُ الاولياء“۾ روايت آھي: ”جڏھن انسان قبر ۾ داخل ٿيندو آھي تہ ان کي ڊيڄارڻ جي لاءِ اھي تمام شيون اچي وينديون آھن جن کان ھو دنيا ۾ ڊڄندو ھو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ کان نہ ڊڄندو ھو.“ (حلية الاولياء ج 10 ص 12 رقم 14318)

ہماري بگڙي ہوئي عادتيں نکل جائيں | ملے گُناہوں کے اَمراض سے شفا يارَبّ!
ہميشہ ہاتھ بھلائي کے واسطے اُٹھيں | بچانا ظلم و ستم سے مجھے سدا يارَبّ!
رہيں بھلائي کي راہوں ميں گامزن ہر دم | کريں نہ رُخ مرے پاؤں گُناہ کا يارَبّ!
گُناہگار طلبگارِ عَفو و رحمت ہے | عذاب سہنے کا کس ميں ہے حوصلہ يارَبّ!

(وسائلِ بخشش، ص76،77)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نَفساني خواھشن ۽ شھوتن جي پيروي کان بچڻ ۾ ئي عافيت آھي. جيڪي ماڻھو الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا جي خاطر نَفساني خواھشن کي ڇڏي ڏيندا آھن، الله عَزَّوَجَلَّ انھن کي بطورِ انعام جنّت جي اَبدي نعمتن سان سرفراز فرمائيندو آھي۔ جيئن تہ سيپاري 30 سُوْرَۃُالنّٰزِعٰت آيت نمبر 40، 41 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:



www.dawateislami.net

وَ اَمَّا مَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ وَ نَهَى النَّفْسَ عَنِ الْهَوٰىۙ(۴۰) فَاِنَّ الْجَنَّةَ هِیَ الْمَاْوٰىؕ(۴۱)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ جيڪو پنهنجي رب جي حضور بيهڻ کان ڊنو ۽ نفس کي خواهش کان روڪيائين پوءِ بيشڪ جنت ئي (ان جي) جاءِ آهي.

هن آيت ۾ الله عَزَّوَجَلَّ شهوتن جي پيروي کان بچڻ وارن جي تعريف فرمائي آهي ۽ انهن کي جنّت جي بِشارَت سان به نوازيو آهي.

**حضرتِ** سيّدُنا ابو سليمان داراني قُدِّسَ سِرُّهُ الرَّبَّانِي فرمائن ٿا، ”نفس جي خواهشن مان ڪنهن هڪ خواهش کي ترڪ ڪري ڇڏڻ دل جي لاءِ هڪ سال جي روزن ۽ سڄي سال جي راتين جي قيام کان به وڌيڪ فائديمند آهي.“ (قُوتُ القُلوب،ج 2، ص 336) (فيضانِ سنّت، ص: 734)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** توهان ڏٺو ته نَفساني خواهشن کان بچڻ جا ڪيتري قدر فضائل آهن، جيڪو پنهنجي مٿان خواهشن جا دروازا بند ڪري ڇڏي ٿو ته الله عَزَّوَجَلَّ ان کي جنّت جي نعمت سان نوازي ڇڏيندو آهي. تنهنڪري اسان کي به گهرجي اسان ان اِنعامات ۽ اِڪرامات کان محروم نہ رهون ۽ ان جي حُصُول جي لاءِ نَفساني خواهشن کان بچڻ جي ڀرپُور ڪوشش ڪندا رهون. شهوتن جي پيروي تي اُڀارڻ وارا ڪيترائي اَسباب ٿي سگهن ٿا، اچو تہ! ان مان پنج (5) اَسباب ۽ ان جا علاج ذِڪر ڪريان ٿو ته جيئن ان مُهلڪات (هلاڪ ڪرڻ وارين شين) کان بچڻ مزيد آسان ٿي سگهي.

## (1) جلد اَثر قبول ڪرڻ جي عادت

ڪنهن شيءِ جي تعريف ٻُڌي ڪري يا ڪنهن وٽ ڪا شيءِ ڏسي ڪري هي خواهش دل ۾ پيدا ٿئي ته هي شيءِ مون وٽ به هئڻ گهرجي



www.dawateislami.net

(جيئن ڪنهن جو سنو موبائل، ليپ ٽاپ (LapTop)، آئي پيڊ (I-Pad)، گهر دُڪان ۽ گاڏي وغيره) انهن شين جي چاهي اسان کي حاجت هجي يا نہ هجي، بس هڪ دُن متي تي سوار ٿي ويندي آهي تہ ڪهڙي طرح آئون بہ هي شيون حاصل ڪري وٺان، هاڻي ان شين جو حصول مشڪل هئڻ جي ڪري هي شخص پنهنجي خواهشن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ جائز ۽ ناجائز حدن کي پار ڪندو رهندو آهي ۽ ايئن اهو تباهي جي عميق (يعني گهري) کڏي ۾ وڃي پوندو آهي.

## علاج

ان جو علاج هي آهي تہ اهڙو شخص پنهنجي ضَروريات ۽ ناجائز خواهشن ۾ فرق ڪرڻ جي عادت وجهي، ان حوالي سان ڪنهن نيڪ ۽ مُخلص دوست سان مُشاوَرَت ڪري وٺي ۽ نَفساني خواهشن جي مذمَّت ۽ ان جي نُقصانات تي غور ڪري ۽ جائز خواهش جي حُصُول جي لاءِ جائز ذريعا ئي اختيارڪري.

## (2) فُضول خَرچي جي عادَتِ بد

اهڙي طرح شهوتن جي پيروي کي اُڀارڻ جو هڪ سبب فُضُول خَرچي جي عادَتِ بد بہ ٿي سگهي ٿي جو جو جنهن شخص ۾ بہ فُضُول خرچي جي عادت هوندي اهو هر پسند اچڻ واري شيءِ کي خريد ڪندو ويندو آهي ۽ هي نہ سوچيندو آهي تہ آئون جنهن شيءِ کي خريد ڪري رهيو آهيان ، اها منهنجي ڪم جي بہ آهي يا نہ ۽ ايئن اهڙو شخص خواهشن جي اِتباع ۾ پنهنجو كثير مال ضائِع ڪندو رهندو آهي.

## علاج

ان جو علاج هي آهي تہ بانهو مال خَرچ ڪندي پنهنجي ضَرورت کي پيشِ نظر رکي، بِلاضَرورت ڪا شيءِ خريد نہ ڪري، ممڪن هجي



www.dawateislami.net

تہ فُضُول شيءِ تي خرچ ڪرڻ واري رقم کي صَدَقو ڪري ڇڏي. ياد رکو! جنهن جڳھ شَرعاً، عادتاً يا مُروَّتاً خرچ ڪرڻ مَنع ھجي اتي خَرچ ڪرڻ مثلاً فِسق وفُجور و گناھ وارين جڳھين تي خرچ ڪرڻ، اَجنبي ماڻھن تي اھڙي طرح خَرچ ڪرڻ جو پنھنجي اَھل وعِيال کي بي يار و مددگار ڇڏي ڏيڻ کي، اِسراف (فُضول خرچي) چئي ويندي آھي. (باطني بيمارين جي معلومات ص٣٠١) اِسراف ۽ فُضُول خرچي خِلافِ شَرع ھجي تہ حرام ۽ خلافِ مُروَّت ھجي تہ مڪروہِ تنزيھي آھي.

(الحديقة النديه ج2 ص 28، باطني بيمارين جي معلومات ص٣٠٧)

شيخ طريقت، اميرِ اھلسُنَّت،باني دعوتِ اسلامي حضرتِ علامه مولانا ابُو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي، ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي مايہ ناز تصنيف فيضانِ سُنَّت جلد اوّل صفحي 256 تي آھي : **مفسرِ شھير حڪيم** الامت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْحَنَّان تفسير نعيمي ج 8 ص 390 تي فرمائن ٿا، اسراف جا ڪيترائي تفسير آھن. ﴿1﴾ حلال شين کي حرام ڄاڻڻ ﴿2﴾ حرام شين کي استعمال ڪرڻ ﴿3﴾ ضرورت کان وڌيڪ کائڻ، پيئڻ يا پائڻ ﴿4﴾ جيڪا دل چاھي اھو کائڻ پيئڻ يا پائڻ ﴿5﴾ ڏينهن رات ۾ ھرھر کائيندو پيئندو رھڻ جنهن سان معدو خراب ٿي وڃي يا بيمار ٿي پوي. ﴿6﴾ نقصانڪار شيون کائڻ پيئڻ ﴿7﴾ ھر وقت کائڻ پيئڻ ۽ پائڻ جي خيال ۾ رھڻ تہ ھاڻي ڇا کائيندس، آئنده ڇا پيئندس (روح البيان ج 3 ص 154) ﴿8﴾ غفلت جي لاءِ کائڻ ﴿9﴾ گناھ ڪرڻ جي لاءِ کائڻ ﴿10﴾ سنو کائڻ پيئڻ، سنو پائڻ جو عادي بڻجي وڃڻ جو ڪڏھن معمولي شيءِ کائي پي نہ سگھي. ﴿11﴾ اعليٰ غذائن کي پنھنجي ڪمال جو نتيجو ڄاڻڻ، مطلب تہ ھن ھڪ لفظ ۾ ڪيترائي احڪام داخل آھن. (تفسير نعيمي ج 8 ص 390)



www.dawateislami.net

## (3) ٻين جي احوال مين بي جا غور وفِڪر

اهڙي طرح شهوتن جي پيروي ۾ مبتلا ٿيڻ جو هڪ سبب ٻين جي اَحوال (معاملن) ۾ بي جا غور و فِڪر ڪرڻ آهي، ٻين جي اَعليٰ لباس، عاليشان محلّات ۽ شاهانہ رهڻي ڪهڻي وغيره جي باري ۾ بي جا غور و تفڪر نہ صِرف حسد جهڙي مُهلڪ مَرض کي جَنم ڏيندو آهي بلڪ اِن سان شهوتن جي پيروي جي باهہ بہ دل ۾ ڀڙڪي پوندي آهي، پوءِ اهڙو شخص خواهشن جي تڪميل ۾ اندو ٿي ڪري مال کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ناجائز ذريعا اختيارڪرڻ ۾ لڳي ويندو آهي.

### علاج

ان جو علاج هي آهي تہ اهڙو شخص ماڻهن جي اَحوال ۾ غور و فڪر ڪرڻ کان پرهيز ڪري، جيڪو ڪجهہ الله عَزَّوَجَلَّ ان کي عَطا فرمايو آهي، ان تي صَبر و شڪر ڪري، پنهنجي کان اَدنيٰ حيثيت واري کي ڏسي ڪري شڪر اَدا ڪري ۽ بُزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِيْن جي سيرت جو مُطالَعو ڪري انهن جي معمولاتِ زِندگي ۾ غور و فڪر ڪري تہ جيئن نيڪي ۽ ڀلائي جي طرف دل راغِب ٿي سگهي.

## (4) پنهنجي اِصلاح کان غفلت

اِتباعِ نَفس وشيطان جو هڪ سبب پنهنجي اِصلاح جي طرف توجُّهہ نہ ڏيڻ آهي، جيڪو شخص پنهنجو مُحاسَبو نہ تہ ڪري اهو ڪڏهن بہ پنهنجي خامين ۽ گُناهن تي مُطلع نہ ٿي سگهندو آهي، ايئن اهو شيطان جي پيروي ۾ مبُتلا ٿي ڪري گُناهہ تي گُناهہ ڪندو ئي رهندو آهي.

### علاج

اهڙي شخص کي گهرجي تہ روزانہ پنهنجي نَفس جو مُحاسَبو ڪري، جنهن کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ ”فڪرِ مدينہ“ ڪرڻ



www.dawateislami.net

چيو ويندو آھي، رات جو سمھڻ کان پھريان ان ڳالھ تي غور ڪري تہ اڄ مون ڪھڙا ڪھڙا سنا عمل ڪيا آھن؟ ۽ ڪھڙا ڪھڙا بُرا عمل ۽ گُناھ مون کان سَرزَد ٿيا آھن؟ گُناھن تي پنھنجي نَفس کي مَلامت ڪري ۽ آئنده نہ ڪرڻ جو عھد ڪري. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ شيخ طريقت، امير ِاھلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا عطا ڪيل مدني اِنعامات بہ نَفْس جو مُحاسَبو ڪرڻ ۾ بھترين مُعاوِن آھن ۽ پوءِ روزانہ فڪرِ مدينه ڪري ھر مھيني مدني انعامات جو رِسالو جمع ڪرائڻ ذيلي حلقي جي ٻارنھن (12) مدني ڪمن مان ھڪ مدني ڪم بہ آھي. مدني اِنعامات تي عمل پنھنجي عملن جو مُحاسَبو ڪرڻ ۽ قبر و آخرت جي تياري ڪرڻ جو بھترين ذريعو آھي. تنھنڪري توھان بہ مدني اِنعامات تي عمل ڪريو، روزانہ فڪرِ مدينه ڪندي مدني اِنعامات جو رِسالو پري ڪري مھيني جي شروعاتي ڏھ ڏينھن جي اندر پنھنجي ذِميدار کي جمع ڪرائي ڇڏيو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان اِتباعِ شيطان جھڙي مُوذِي مَرض ۽ ٻين گُناھن کان بچڻ جو مدني ذِھْن ملندو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

گناہوں کی نہیں جاتی ہے عادت یارسول اللہ
تمہیں اب کچھ کرو ماہِ رسالت یارسول اللہ
گناہوں سے مجھے ہوجائے نفرت یارسول اللہ
نکل جائے بُری ہر ایک خصلت یارسول اللہ
گُنہ لمحہ بہ لمحہ ہائے! اب بڑھتے ہی جاتے ہیں
نہیں پر اِس پہ ہائے کچھ ندامت یارسول اللہ
(وسائلِ بخشش، ص329)



www.dawateislami.net

## (5) پيٽ پري کائڻ

اهڙي طرح شهوتن جي پيروي ۾ مبتلا ٿيڻ جو هڪ سبب پيٽ پري کائڻ به آهي، ڇو جو هي ڳالهه ظاهر آهي ته جنهن جو پيٽ پريل هوندو آهي، ان شخص تي شيطان بآساني غالب اچي ويندو آهي جنهن جي ڪري نيڪين ۾ دل نه لڳندي آهي بلڪ نفْساني خواهشون جاڳي پونديون آهن ۽ پوءِ ان جي سبب گُناهن ۾ دلچسپي وڌي ويندي آهي.

## جاندار بدن جون آفتون

**حضرت** سيِّدُنا يحيىٰ مُعاذ رازي رَحْمَةُاللهِتَعَالٰيعَلَيْه فرمائن ٿا، جيڪو **پيٽ پري کائڻ جو عادي** ٿي ويندو آهي ان جي بدن تي **گوشت** وڌي ويندو آهي ۽ جنهن جي بدن تي گوشت وڌي ويندو آهي، اهو **شهوت** (خواهش) پرست ٿي ويندو آهي ۽ جيڪو شهوت (خواهش) پرست ٿي ويندو آهي ان جا **گناهه** وڌي ويندا آهن ۽ جنهن جا گناهه وڌي ويندا آهن ان جي **دل** سخت ٿي ويندي آهي ۽ جنهن جي دل سخت ٿي ويندي آهي اهو **دنيا** جي آفتن ۽ رنگينين ۾ غرق ٿي ويندو.

(المنبهات للعسقلاني باب الخماسي 59)

## پيٽو تي گناهن جي پرمار

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم ڳُٽي سخت ڳُٽيءَ جي ڳالهه آهي جو پيٽ پري کائڻ انسان کي گناهن ۾ غرق ڪري ٿو ڇڏي. جيئن ته حضرتِ سيِّدُنا امام غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُاللهِ الْوَالِي ارشاد فرمائن ٿا گهٽو کائڻ سان عضون ۾ فتنو پيدا ٿئي ٿو ۽ فساد پيدا ڪرڻ ۽ اڻنگو ڪم ڪرڻ جي دلچسپي پيدا ٿيندي آهي، ڇو ته جڏهن انسان خوب پيٽ پري کائيندو آهي ته ان جي جسم ۾ تڪبر ۽ اڪين ۾ **بدنگاهي**



www.dawateislami.net

جي خواهش پيدا ٿيندي آهي ڪَنَ بُريون ڳالهيون ٻُڌڻ جا مشتاق رهندا آهن، زبان **فحش ڳوئي** تي آماده ٿيندي آهي، شرمگاهہ شهوت رانيءَ جي تقاضا ڪندي آهي. پير ناجائز جڳهن جي طرف هلڻ جي لاءِ بيقرار ٿيندا آهن. ان جي ابتڙ جيڪڏهن انسان بُکيو هجي تہ بدن جا سيئي عضوا پُرسڪون رهندا ۽ نہ ئي ڪنهن بُرائيءَ جي لالچ ڪندا ۽ نہ ئي بُرائي کي ڏسي ڪري خوش ٿيندا. **حضرت** استاد ابو جعفر عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡاَكۡبَر جو ارشادِ گرامي آهي، ”پيٽ جيڪڏهن بُکيو هجي تہ جسم جا باقي عضوا سير يعني پُرسُڪون هوندا آهن، ڪنهن شيءِ جو مطالبو ناهن ڪندا ۽ جيڪڏهن پيٽ پريل هجي تہ بيا عضوا بُکيا رهڻ جي سبب مختلف بُراين ڏانهن رجوع ڪندا آهن.

(مِنۡهَاجُ الۡعَابِدِين،الفصل الخامس البطن وحفظہ، ص82)(فيضان سنت ،ص:٧٠٩)

## علاج

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پيٽ ڀري ڪري کائڻ کان بعد گُناهن کان بچڻ جو علاج هي آهي تہ پانهو بُک کان گهٽ کائي ڪري نَفس جي شرارتن کي ناڪام بڻائي. اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مُشڪبار مدني ماحول ۾ ان ڳالهہ جي ترغيب ڏياري ويندي آهي تہ پانهو لقمہء حرام کائڻ کان تہ ضرور بچندو رهي ۽ جائز ومُباح ڪاڏو بہ عبادت تي قُوّت حاصل ڪرڻ جي نِيت سان گهٽ کائي، تہ جيئن عبادت ۾ لذّت جي نعمت نصيب ٿئي ۽ گُناهن جي طرف رَغبت بہ نہ ٿي سگهي. دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ بُک کان گهٽ کائڻ کي ”پيٽ جو قُفلِ مدينہ“ لڳائڻ چيو ويندو آهي. ان تي عمل جو ذِهۡن بنائڻ جي لاءِ شيخِ طريقت، امير اهلسُنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابُو



www.dawateislami.net

بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضِيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جن 206 صفحات تي مُشتمل مايه ناز تصنيف نالي ''پيٽ جو قُفلِ مدينه'' تحرير فرمائي آهي هن ڪتاب جي مُطالعي جي برڪت سان اِنۡ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ توهان کي کائڻ جا آداب، بُک کان گهٽ کائڻ جا فائدا، صحت مند رهڻ جا اُصُول ۽ ان کان علاوه بہ بي شمار مدني گُل چونڊڻ جي لاءِ ملندا. مڪتبۃ المدينه جي کنهن بہ شاخ کان ان ڪتاب کي هديو ڏئي حاصل ڪري سگهجي ٿو، ان کان علاوه دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان ان ڪتاب کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ بہ ڪري سگهجي ٿو ۽ پرنٽ بہ آؤٽ ڪري سگهجي ٿو.

زَباں کا، آنکھ کا اور پیٹ کا قفلِ مدینہ تم
لگا لو ورنہ محشر میں پشيماني بڑي ہوگی
(وسائلِ بخشش،393)

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان شهوتن جي پيروي جون تباهہ ڪاريون ٻڌيون تہ هي هڪ اهڙي مُهلڪ (يعني هلاڪ ڪرڻ واري) بيماري آهي جنهن جي ڪري انسان تباهي و بَربادي جي عَميق (گهري) کڏي ۾ ڪرندو ويندو آهي. آياتِ قُرآنيه، احاديثِ ڪريمه ۽ اَقوالِ بُزرگانِ دين مان بہ هن مُوذي مَرَض جون تباهہ ڪاريون معلوم ٿيون. گڏوگڏ نَفساني خواهشن جي پيروي ڪرڻ وارن کي دِين جي تباهي، دُنيا جي بربادي، جان و مال ۽ وَقت جو ضِياع، دائمي ذِلّت و رُسوائي، الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ناراضي جهڙن وڏن وڏن



www.dawateislami.net

نُقصان ڪي منهن ڏيڻو پئجي سگھجي ٿو. ياد رکو! شهوتن جي پيروي جو هڪ اَهم سبب نيڪ ماڻهن جي صُحبت کان دُوري به آهي، ڇو جو بانهو جڏهن اهڙن ماڻهن سان گڏ اٿندو ويهندو آهي جيڪي اتباعِ نفس جهڙي مُهلڪ بيماري ۾ مبُتلا هجن ته اُن جو نَفس به آهسته آهسته اَثر قبول ڪرڻ لڳندو آهي، ۽ آخرڪار ان ۾ به هي مرض سَرايت ڪري ويندو آهي. تنهنڪري اسان کي گھرجي عُلماءِ ڪرام ومُفتيانِ عِظام ۽ اهڙن نيڪ ماڻهن جي صُحبت اختيار ڪريون جيڪي نفس جي مڪر و فريب کان واقف هجن، ان جي جائز و ناجائز خواهشن ۾ تميز ڪري سگھندا هجن. بداَخلاق ۽ بُرن ماڻهن کان هميشه پنهنجي پاڻ کي پري رکون جو بُري صُحبت زهريلي نانگ کان به وڌيڪ نُقصان ده آهي جو نانگ ته فقط جِسماني نُقصان پهچائيندو آهي پر بُري صُحبت بسا اَوقات جِسماني نُقصان سان گڏوگڏ رُوحاني نُقصان (جيئن گُناهن ۾ مبُتلا ٿيڻ، ايمان جي بربادي وغيره) به پهچائيندي آهي.

## مجلس اِصلاح براءِ قيديان

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن وسُنَّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جو مشڪبار مدني ماحول سني صُحبت فراهم ڪندو آهي، ان مدني ماحول سان وابسته ٿي ڪري لکين ماڻهو گُناهن ڀري زِندگي کان تائب ٿي ڪري نيڪين ڀري زِندگي گُذاري رهيا آهن. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغ دين جي مُقدَّس جذبي جي تحت مُسلمان قيدين جي سُنّتن ڀري تَربيت جي لاءِ دُنيا جي ڪيترن ئي جيل خانن ۾ دعوتِ اسلامي جي مجلس ”اِصلاح براءِ قيديان“ جي ذريعي مَدَني ڪمن جي ترڪيب آهي. پاڪستان جي مُتعدَّد جيلن ۾ تعليمِ قُرآن جي لاءِ مدرسه قائم ٿي چڪا



www.dawateislami.net

آهن، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ تمام جيلن ۾ هي مَدارس قائم ڪيا ويندا. ڪيترن ئي جيلن ۾ روزانه شيخِ طريقت، امير اَهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسائل مان درس ڏنو ويندو آهي، گڏوگڏ ڪيترن ئي جيلن ۾ ماهانه و هفتيوار اِجتماعِ ذِڪرو نعت جو به سلسلو آهي. ڏڪايل قيدين ڪي دعوتِ اسلامي جي مجلس مڪتوبات و تعويذاتِ عطاريه جا ڏنل تعويذات فِي سَبِيلِ الله پهچايا ويندا آهن. جيل مان آزاد ٿيڻ وارن جي تَربِيت جي لاءِ مختلف ڪورسز جو اِهتمام ڪيو ويندو آهي. مثلاً 41 ڏينهن جو مَدَني اِنعامات و مَدَني قافله ڪورس، 63 ڏينهن جو تربيتي ڪورس، 12 روزه مدني ڪورس، اِمامت ڪورس ۽ مُدرس ڪورس وغيره جو به سلسلو آهي.

## مدني محبوب ﷺ جي زلفن جو اسير

هن مجلس جا اسلامي پائر مشهور ديني درسگاهه جامعه راشديه (پير جو ڳوٺ خيرپورميرس) تشريف ڪٺي ويا، ڳالهيون هلندي **جيل خانن** ۾ دعوتِ اسلاميءَ جي مدني ڪم جي ڳالهه نڪتي ته اتان جا شيخ الحديث صاحب ڪجهه هن طرح فرمائڻ لڳا، جيل خانن جي مدني ڪم جي شاندار مدني ڪارڪردگي آءُ پاڻ توهان کي ٻُڌايان ٿو: پير جو ڳوٺ جي پرپاسي ۾ **هڪ ڌاڙيل** تباهي مچائي ڇڏي هئي، مان ان کي سڃاڻيندو هئس، هر روز پوليس سان ان جي وٺ پڪڙ هلندي رهندي هئي، ڪيترائي ڀيرا گرفتار به ٿيو پر اثر رسوخ استعمال ڪري ڇُٽي پئي ويو، آخرڪار ڪنهن ڏوهه ۾ پڪڙجي باب المدينه ڪراچيءَ جي پوليس جي وَر چڙهي ويو، ڪيس سزا ملي ۽ جيل هليو ويو. سزا ڪاٽڻ ڪانپوءِ آزاد ٿيڻ تي مون سان ملڻ آيو، مان پهرين نظر ۾ ڪيس سڃاڻي نه سگهيس جو ته مون ان کي ڏاڙهي ڪوڙيل ۽ مٿي اگهاڙو ڏٺو هو، پر



www.dawateislami.net

هاڻي سندس چهري تي مني مني آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت جي نشاني نوراني ڏاڙهي شريف جڳمڳ ڪري رهي هئي ۽ مٿي تي سائي عمامي شريف جو تاج پنهنجون بهارون لُٽائي رهيو هو، پيشانيءَ تي نمازن جو نور واضح نظر اچي رهيو هو، منهنجي حيرت جو طِلسم ٽوڙيندي هن چيو ته ” قيد جي دوران جيل جي اندر اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مونکي دعوتِ اسلاميءَ جومدني ماحول ميسر اچي ويو ۽ عاشقانِ رسول جي انفرادي ڪوشش جي برڪت سان مون گناهن جون زنجيرون ٽوڙي پنهنجو پاڻ کي مدني محبوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زلفن جو اسير بڻائي ڇڏيو آهي. (آداب طعام، ص: 368)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (ابن عساکر ج 9 ص 343)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا

جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!اچو ته شيخ طريقت امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي 163 مدني گل مان مسواڪ جا مدني گل ٻڌون ٿا. دعوت



www.dawateislami.net

**اسلامي** جي اشاعتي اداري **مكتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب "**بهار شريعت**" جلد پهريون صفحي 288 صدرُالشّريعہ، بدرُالطريقہ، حضرت علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِى لکن ٿا، مشائخ ڪرام فرمائن ٿا: جيڪو شخص مسواڪ جو عادي هجي تہ مرڻ وقت ان کي ڪلمو نصيب ٿيندو، ۽ جيڪو آفيم کائي ٿو ان کي ڪلمو نصيب نہ ٿيندو ۞ حضرت سيدنا ابن عباس رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ مسواڪ ۾ ڏهہ خوبيون آهن: وات کي صاف ڪري ٿو، مسوڙن کي مضبوط ڪري ٿو، نظر تيز ڪري ٿو، بلغم ختم ڪري ٿو، وات جي ڌپ ختم ڪري ٿو، سنت جي موافق آهي، فرشتا خوش ٿين ٿا، ربّ عَزَّوَجَلَّ راضي ٿئي ٿو، نيڪي وڌائيندو ۽ معدي کي درست ڪندو آهي. (جمع الجوامع للسيوطي ج 5 ص 249 حديث 14867) ۞ مسواڪ پيلو يا زيتون يا نم وغيره جي ڪَوڙي ڪاٺي جو هجي ۞ مسواڪ جي ٿولهہ چيچ جي برابر هجي ۞ ڏندڻ هڪ گرانٺ کان ڊگهو نہ هجي نہ تہ ان تي شيطان ويهندو آهي ۞ ان جا ٽاندورا نرم هجن جو سخت ٽاندورا ڏندن ۽ مهارن جي وچ ۾ وٿي (Gap) جو سبب بڻجندا آهن ۞ مسواڪ تازو هجي تہ سٺو نہ تہ ڪجهہ دير پاڻي جي گلاس ۾ پسائي نرم ڪري ڇڏيو ۞ مناسب آهي تہ ان جا ٽاندورا روزانو ڪٽيندا رهو جو ٽاندورا ان وقت تائين ڪم جا آهن جيستائين انهن ۾ ڪَؤڙاڻ باقي آهي ۞ ڏندن جي ويڪر ۾ ڏندڻ ڪريو ۞ جڏهن بہ ڏندڻ ڪرڻو هجي تہ گهٽ ۾ گهٽ ٽي



www.dawateislami.net

پيرا ڪريو ۞ ھر پيري ڌوئي ڇڏيو ۞ ڏندڻ ساڄي ھٿ ۾ اھڙي طرح ڪٺو جو چيچ ان جي ھيٺان ۽ وچ واريون ٽي آڱريون مٿان ۽ آڱوٺو چيڙي تي ھجي ۞ پھريان ساڄي پاسي ڪان مٿين ڏندن تي ۽ پوءِ کابي پاسي ڪان مٿين ڏندن تي، پوءِ ساڄي پاسي ڪان ھيٺين پوءِ وري کابي پاسي ڪان ھيٺين ڏندن تي مسواڪ ڪيو ۞ مسواڪ مٺ ۾ بند ڪري ڪرڻ سان بواسير ٿيڻ جو انديشو آھي ۞ ڏندڻ ڪرڻ وضو ۾ سنّت قبليہ (وضو ڪان پھريان ادا ڪئي ويندڙ سنّتن مان) آھي البت سنّت مؤڪَّدَہ ان وقت آھي جڏھن وات ۾ بدبو ھجي. (ماخوذ از فتاويٰ رضويہ شريف ج 1 ص 623) ۞ ڏندڻ جڏھن استعمال جي قابل نہ رھي تہ اڇلايو نہ، جو ھي سنّت ادا ڪرڻ جو ذريعو آھي، ڪنھن جڳھ تي احتياط سان رکي ڇڏيو يا دفن ڪري ڇڏيو يا سمنڊ ۾ وجھي ڇڏيو. (تفصيلي معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل بھارِ شريعت جلد اوّل صفحي 294 ڪان 295 تائين جو مُطالَعو ڪيو)

ھزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جا شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بھار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ ھديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڑھو. سنتن جي تربيت جو ھڪ بھترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آھي.

ياخدا! نڪلوں ميں مَدَني قافِلوں کيساتھ کاش! سُنّتوں کي تربيت کے واسطے پھر جلد تر!!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن، (1)

## (2) سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

مدينہ حضرتِ سيدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (2)

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3)رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(1)

## (4)ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِى کَن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (2)

## (5)قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَهِ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن

---

[1] ...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149



www.dawateislami.net

فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.(1)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.(2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.(3)

---

1 ...القول البديع، الباب الاول، ص125

2 ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

3 ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net

## (2) هر رات عبادت ۾ گذارڻ جو آسان نسخو

غرائب القرآن صفحه 187 تي هڪ روايت نقل ڪئي وئي آهي تہ جيڪو شخص رات ۾ ٽي ڀيرا هي دعا پڙهندو تہ ان جڻ شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو لهٰذا هر رات هي دعا پڙهڻ گهرجي. دعا هي آهي:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ۔

”يعني خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللہ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي.“ (فيضانِ سنّت ج اوّل، ص 1163، 1164)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net